# سنگِ در

(شاعري ۽ سوانح)

**سيد علي احمد شاھ اجناڻي**

**"ساقيؔ سروري"**

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا

١٤٣٩ھ/ 2018ع

Gul Hayat Institute



ڪتاب جا حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ


ڪتاب جو نالو: سنگِ در

مصنف: سيد علي احمد شاھ اجناڻي "ساقي سروري"

پهريون ڇاپو: ١٤١٥ھ/1994ع

نئون ڇاپو: ١٤٣٩ھ/2018ع

ڪمپيوٽر لي آئوٽ: عبدالله جروار

ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي

ڇپائيندڙ: طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا

پڌرو ڪندڙ: گل پنهور سروري

قيمت: 100/= روپيا

طالب المولىٰ اڪيڊمي

هالا

# فهرست

اڪيڊمي جو نوٽ (نئون ڇاپو) : ........................ 7
اڪيڊمي جو نوٽ (ڇاپو پهريون) : ........................ 8
پيش لفظ: حضرت مخدوم محمّد امين فهيم صاحب ............ 10
پنهنجي پاران: سيّد علي احمد شاهه "ساقي سروري" ............ 13
ساقي سروري: مخدوم جميل الزمان............................ 15
شجره نسب.................................................. 20

سنگِ در

منقبت

اسان جو رهنما رهبر علي مشڪل ڪُشا آهين ..................... 27

غزل

1. شبِ تاريڪ جي دلڪش ستارن کان لڪي تون آ.............. 31
2. نيم بسمل پر لُڇي سگهجي نہ ٿو.............................. 32
3. فقط دولت رهي درڪار آهي.................................. 33
4. هي راتيون نہ هونديون هي تارا نہ هوندا...................... 34
5. اوهان جي ادائن ئي ماري ڇڏيا .............................. 35
6. جفا ڪار ڪان جي وفا ٿي پوي ها ............................ 36
7. دلربا! تنهنجو مونسان پاتل پيچُ............................ 37
8. سر جوءِ سنگِ در جو عشقِ بُتان جو خير..................... 38
9. پنهنجا اڄ ٻئي جهان ٿا هيندس .............................. 39
10. پاڻ کي جيئرو رکي ماري تہ ڏس ............................. 40
11. مبارڪ ڏيو مٺي محبوب کي راضي ڪيم مس مس............... 42
12. ساٿيو هن دور جو دستور بدلائي وٺون....................... 43
13. داڙهو تہ ڪوبہ ڪونهي پيا ڪئين خرار آهن.................. 44
14. اسان جي جسم جوءِ روح جو سينگار تون آهين................ 45



15. دل کي دردن سان هم ڪنار ڪبو............................ 46
16. زندگي ۽ موت جو هي فاصلو............................... 47
17. مون ڏٺو هن گلبدن روئي ڏٺو.............................. 48
18. هو صورتِ شگفتہ ۽ شهلا اکي پيو.......................... 49
19. ٻول منڙا ڪي يار ٻولڻ ڏيو................................ 52
20. زماني جو اِهو منشور ٿي ويو.............................. 54
21. ڏسي مسجدن ۾ شرابين کي واعظ........................... 56
22. رحمت العالمين ﷺ ياسين طاحه کي سڏي .................... 57
23. تنهنجي ايڏي جي بي رخي رهندي.......................... 58
24. واسينگ وار ڪارا هڻن ڏنگ ڇا ڪجي؟ ...................... 59
25. رات هڪ خاموش تارن جي هُئي ............................ 60
26. اوهان جي دل ۾ ڇا آهي اسان جي دل ۾ ڇا آهي؟............ 61
27. هزارين دَر اَهن ليڪن دَرِ جانان سڃاڻون ٿا................. 62
28. پاڻ کي پاڻ گنهگار ڪريان يا نہ ڪريان ..................... 63

قطعات

1. اسين صبح کان سائين پيئندا رهون ٿا ....................... 67
2. خدا جي هوندي خدا جي جهان ۾ هيڏا پاپ...................... 68
3. هڪ زماني جو ڦڏائي سربراهِ مملڪت ....................... 69
4. توکي ڪهڙي خبر تہ ڇاهي پيار؟ ............................ 70
5. چنڊ چوڏهين جو ڏٺم روئي ڏٺم.............................. 71
6. ساقيا! لبريز پئمانا ڪجان.................................... 72
7. هن جهان جا ماڻهو ڏس ڪيئن ٿا جيئن ڪيئن ٿا مرن.......... 73
8. تنهنجو بندو گناهگار آهيان ................................ 74
9. تنها تنها اداس اداس آهيان................................... 75
10. مون تہ قرآن جي تلاوت ڪئي ............................... 76
11. مان گنهگار شرابي ۽ موالي آهيان ........................... 77
12. اسين خود پاڻ رعيت ۽ اسين خود بادشاه آهيون................ 78
13. تون ڪرم ڪر وڏو ڪريم آهين .............................. 79

Gul Hayat Institute

14. هِن زماني ۾ ڪيترو رهبو ........ 80
15. ڪعبہ ۾ مون رسول ﷺ کي سجده ڪندي ڏٺو ........ 81
16. تنهنجي لءِ ڪيترو اجا جيئندس ........ 82
17. توکي ڳولي بہ لڌم توکي وڃائي بہ ڇڏيم ........ 83
18. بهر صورت ستر پوشي ڇڱي آ تاج پوشيءَ کان ........ 84
19. منهنجو ساقي ۽ مون کي توري تڪي پيو پياري ........ 85
20. رات ڪنهن طرح سان گذري تہ گذاري ڇڏبي ........ 86
21. دربار ۾ شرابي جي دُختر رسول ﷺ جي ........ 87
22. پهرين پئدا ڪيو خدا، شيطان کي ........ 88
23. مون ڏٺو هڪ ڪوڙ هڪڙي سچ کي ماري ڇڏيو ........ 89
24. زندگي، زندگي جو خواب آهي ........ 90
25. ڪٿي پلائي بُري ۽ ڪٿي ڀلائي ڇڱي ........ 91
26. هي ڪاري رات ستارا اُداس تنهائي ........ 92
27. جڏهن مون زندگي جي ويهي ڪٿ ڪئي ........ 93
28. بدليل هزار رنگ زماني جا مون ڏٺا ........ 94


## رباعيات


1. ڪو ڏينهن جيئي ٿو، ڪو سو سال جيئي ٿو ........ 97
2. شيطان بہ الله ﷻ کي تسليم ڪندو هو ........ 98
3. انمول رتن توئي وڃايو آهي ........ 99
4. الله ﷻ کي شيطان جي عبادت جي خبر هئي ........ 100


## متفرقات


فرد ........ 103
سهرو مبارڪ ........ 104


## اردو ڪلام


ہزاروں سجدے کیے خواہ مخواہ سجدے کیے (غزل) ........ 107
لوگ زندہ ہیں تب تو مرتے ہیں مرنے والے کبھی نہیں مرتے (قطعہ) ........ 109
ترے حسین خیالوں میں بس گیا ہو گا (قطعہ) ........ 110






**سيد علي احمد شاهہ اجناڻي**

**"ساقيؔ سروري"**

(1936_2017)

Gul Hayat Institute

## اڪيڊمي جو نوٽ (نئون ڇاپو) :

طالب المولیٰ اڪيڊميءَ جي پاران سنڌ جي مشهور ۽ منفرد شاعر سيّد علي احمد شاهه اجناڻي "ساقي سروري" صاحب جو ڪتاب سنگِ در 1994ع ۾ شايع ڪيو ويو هئو جنهن ۾ ڪلام جي ترتيب ۽ پروفن جون غلطيون ڏسڻ ۾ آيون، جن ڪري هينئر چندي چاڻي بيهر ڇپائي پڌرو ڪيو پيو وڃي.

ساقي سروري صاحب هڪ ڪهنه مشق تاريخدان شاعر هئو سندس ڪلام، غزل، قطعات، منقبت وغيره تي مشتمل آهي، پاڻ رباعيون به چيون اٿس جيڪي سنگِ در ۾ قطعات سان گڏ آيل هيون، جنکي سنگِ در جي نئين ڇاپي ۾ الڳ ڪري نمايان ڪيو ويو آهي ان ڪان علاوه "اجناڻي سادات" جي شجرهٔ نسب کي به ٿوري ترميمن سان ڏنو ويو آهي.

راقم الحروف، متعلوي سادات جي نسب (شُجري) تي ڪافي تحقيق ڪئي آهي، ان مطابق هن سلسلهٔ نسب جون ڪجھ ڪُتل ڪڙيون (پيڙهيون) مليون آهن، اميد آهي ته سنڌ جي هن اعليٰ خانوادي جو شجره نسب پنهنجي تحقيق ۽ مستند حوالن سان گڏ شايع ڪيو ويندو. انشاء الله.

**مخدوم جميل الزمان**
چيئرمين
طالب المولیٰ اڪيڊمي

18/ربيع الثاني 1439هه
6/جنوري 2018ع
ڪراچي، سنڌ



## اڪيڊمي جو نوٽ (ڇاپو پهريون) :

اداري جي مقصدن مان هڪ اهو به آهي ته سنڌ جي پراڻن ۽ نَوَن اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن کي همٿائجي ۽ سندن لکڻيون شايع ڪرائي منظرِعام تي آڻجن. اداري طرفان منعقد ڪيل تقريبن ۾ اهڙو اعلان پڻ ڪيو ويو آهي.

سيد علي احمد شاهه "ساقي سروري" جو هيءُ ڪتاب سنگِ در به ان جي هڪ ڪڙي آهي.

هن صدي جي پهرين اڌ ۾ سنڌ سونهاري ۾ وڏا وڏا ليکڪ ۽ محقق پيدا ٿيا جن ۾ حضرت مخدوم طالب المولیٰ، شيخ، اياز حافظ احسن چنه، استاد بخاري، مولانا غلام محمد گرامي، سيد اسدالله شاهه بيخود حسيني، اختر هالائي، امداد حسيني، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، فيض بخشاپوري، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، عبدالقادر جوڻيجو محمد خان مجيدي وغيره جهڙا صاحبِ طرز ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي تمام وڏي حيثيت رکندڙ افراد پڻ شامل آهن. نظريات کان بالاتر ٿي سندن لکڻين کي شايع ڪرڻ پنهنجو ۽ هر سنڌي اشاعتي اداري جو فرض ٿا سمجهون.

جيتوڻيڪ طالب المولیٰ اڪيڊمي جي طرفان اجان رڳو اُهي ڪتاب آندا اٿئون جن جي اشاعت ۾ انهن جي ليکڪن مالي مدد پڻ ڪئي آهي مگر ارادو آهي ته جلد از جلد اداري کي خود ڪفيل بنائي، اديبن کان مسودا گهرائڻ لاءِ گذارش ڪئي ويندي.

Gul Hayat Institute

تازو سنڌ جي مايہ ناز شاعر محمد حسن "ساز" پنهنجو ڪتاب ترتيب ڏئي طالب الموليٰ اڪيڊمي جي حوالي ڪيو آهي جيڪو پڻ انشاءَ الله جلدي پڌرو ڪيو ويندو.
اميد آهي تہ مثبت موٽ ماڻيندا سين.

| | |
|---|---|
| 19/ سيپٽمبر 1994ع | **مخدوم جميل الزمان** |
| 12/ ربيع الاول 1415هہ | چيئرمين |
| ڊفينس بنگلو ڪراچي، سنڌ | طالب الموليٰ اڪيڊمي |



## پيش لفظ:

علي احمد شاهہ منهنجي ننڍي هوندي جو ساٿاري آهي. سندس والد مرحوم سيد مٺن شاهہ هڪ باشريعت بزرگ ۽ علمي ادبي دنيا جو بخوبي ڄاتل سڃاتل هو. ان جو والد مرحوم سيد حيدر شاهہ "حيدر" اجناڻي منهنجي جدِ امجد حضرت مخدوم امين محمد عرف پڪن ڏڻي سائين جن جي خاص حاضريءَ جو هم عصر، بهترين شاعر اديب ۽ عالم شخص هو. علي احمد شاهہ جي اها وڏي خوشنصيبي آهي، جو سندس زندگيءَ جو وڏو عرصو حضرت قبلا مخدوم طالب الموليٰ جن جي خدمت ۾ گذريو آهي.

1950ع جو ڏهاڪو هو. ان زماني ۾ آئون ۽ علي احمد شاهہ اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين. ان وقت آئون سنجيده شاگرد ۽ علي احمد شاهہ شرارتي شاگرد هوندو هو. سندس ننڍو ڀاءُ مرحوم سيد امير علي شاهہ ۽ آئون هم عصر هئاسون. علي احمد شاهہ اسان کان ڏيڍ سال کن وڏو هو ۽ هميشہ اسان تي رعب رکندو هو. ان زماني ۾ حضرت قبلا مخدوم طالب الموليٰ جنجي سرپرستيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ خاص طرح سان هالن ۾ وقتاً فوقتاً علمي و ادبي محفلون ۽ نشستون ٿينديون رهنديون هيون، جن ۾ اسين بہ وڃي شريڪ ٿيندا رهندا هئاسون. ان ماحول ۾ اسان کي بہ شعر و شاعري ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. اسان جي حلقي ۾ جيڪي هم عمر علمي ۽ ادبي ذوق

Gul Hayat Institute

رکندا هئا تن ۾ آءٌ يعني محمد امين فهيم، پير ميان علي بهادر ”عڪس“، مرحوم امير علي شاهہ ”امير“، محبوب سروري ۽ سيد خورشيد احمد شاهہ ”ساغر“ وغيره شامل هئاسين. اسان جي حلقئہ احباب ۾ محبوب سروري جو اضافو ٿيو. جنهن جي ڪري اسان سڀن ۾ شعر و شاعري ڪرڻ جو شوق وڌيو. ان شوق ۾ ڪچي ڦڪي شاعري شروع ٿي، اڪثر و بيشتر ڪانہ ڪا مصرح طرح مقرر ڪري ان تي لکندا هئاسين. انهيءَ زماني ۾ مٿين دوستن سان گڏجي ”بزمِ امين“ قائم ڪئي وئي جنهن جي آفيس حضرت قبلا سائين جي ان وقت جي بنگلي امين منزل هير آباد ۾ رکي سين.

1954ع ۾ جڏهن ٻوڏ جو خطرو وڌي ويو. تڏهن ڪجهہ ڏينهن لاءِ هالن کان هجرت ڪري حيدرآباد جي بئراج ڪالوني جي بنگلي نمبر هڪ ۾ رهڻ ٿيو. اتي هڪ رات مون ۽ علي احمد شاهہ گڏجي هڪ في البديهہ غزل لکيو هو. جيڪو منهنجي ڪتاب ’پيغام‘ ۾ شايع ٿيل آهي. هي سلسلو ڪجهہ وقت جاري رهيو ۽ آهستہ آهستہ اهو راز فاش ٿيڻ لڳو ۽ سائين وڏن تائين پهچي ويو. جڏهن سائين کي اهو معلوم ٿيو تہ اسان شعر و شاعري جي دنيا ۾ پهچي ويا آهيون، تہ پاڻ انتهائي بزرگانہ ۽ استادانہ انداز ۾ اسان سڀن جي همت افزائي ڪيائون، اسان جي ڪچن ڦڪن شعرن کي اصلاح ڪري پنهنجن مشاعرن ۾ محفلن ۾ حصو وٺرايائون ۽ اسان جي اعتماد کي بحال ڪيائون، اها اسان جي خوش قسمتي هئي جو قبلا سائين اسان کي بزمِ ”طالب المولىٰ“ ۽ ”جميعتِ شعراءِ سنڌ“ جي عظيم ۽ يادگار گڏجاڻين ۽ مشاعرن ۾ هالا، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد وغيره ۾ پاڻ سان گڏ وٺي هلندا هئا. زهِ قسمت سندن ئي سرپرستيءَ جي ڪري اسان کي وقت جي اعلىٰ پايہ



جي مشهور ۽ معروف اديبن ۽ شاعرن جهڙوڪ: صوفي سرشار عقيلي، مولانا گرامي، اسدالله شاهہ بيخود حسيني، شبير ٽکڙائي، خادم حسين خادم سروري، محمد خان غني، سيٺ عيسىٰ مست سروري ۽ انور هالائي وغيره جي صحبت ۾ ويهڻ ۽ پرائڻ جو موقعو مليو.

علي احمد شاهہ پاڻ تي مختلف تخلص رکيا، جن ۾ ”عادل“ ۽ ”ساغر“ بہ اچي وڃن ٿا، پر آخر ۾ ”ساقي“ تخلص تي اڪتفا ڪئي اٿس، سندس شاعريءَ ۾ سادگي ۽ تخيل جو پهلو بہ موجود آهي، سندن هن ڪتاب ۾ جيڪي غزل آهن، تن مان گهڻو ڪري انهيءَ وقت جا آهن، جڏهن آءٌ سروري اسلاميہ ڪاليج هالا ۾ فرسٽ ايئر جو شاگرد هوس ۽ مرحوم محبوب علي چنا ۽ آقا صاحب بالترتيب ڪاليج جا ٻہ پرنسپل ٿي رهيا هئا. ان وقت هر مهيني حضرت قبلا سائين جن جي زيرِ صدارت ”بيت الحڪمت هال“ ۾ مشاعرا ٿيندا هئا، جن جي سيڪريٽري جا فرائض آءٌ سرانجام ڏيندو هئس.

علي احمد شاهہ جو هي ڪتاب ”سنگِ در“ جيڪو سندس اوائلي ۽ موجوده شاعري تي مشتمل آهي، اهو قارئين کي غلطين جي باوجود پسند ايندو. مون کي اميد آهي تہ جيڪڏهن سندس اهو شوق ۽ ذوق رهيو تہ پاڻ هڪ سٺو اديب ۽ شاعر ٿي ويندو.

1/مارچ 1994ع
ڪراچي

**مخدوم محمد امين فهيم صاحب**
سجّاده نشين
غوث الحق حضرت مخدوم نوح عليہ رحمت

Gul Hayat Institute

## پنهنجي پاران:

منهنجو ڪتاب ”سنگِ در“ جنهن ۾ منهنجي ڪچي ڦڪي شاعري آهي، قارئين جي خدمت ۾ حاضر آهي.

منهنجي ولادت حيدرآباد شهر ۾ ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ 1936ع ۾ ٿي. منهنجو نالو حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر سائين جن ”علي احمد شاهہ“ تجويز ڪيو. منهنجو والد مرحوم سيد مٺن شاه مرحوم جيئن ڪتاب ”منهنجي نِنڊپڻ“ ۾ قبلہ مخدوم جميل الزمان لکيو آهي ”پاڻ هڪ باشرع ۽ پنهنجي حلقۂ احباب ۾ امين جي نالي سان ياد ڪيا ويندا هئا.“

منهنجي تقريباً سڄي زندگي قبلا مرشد طالب المولىٰ سائين جن ۽ قبلا امين سائين جن جي خدمت ۾ گذري. مون کي شاعري جو شوق ڪيئن پيدا ٿيو اهو قبلا امين سائين جن جي تحرير ۾ آهي.

منهنجي شاعريءَ جي هڪ عجيب ۽ غريب ڳالهہ اِها آهي تہ مون کي بحر ۽ وزن جي ڪابہ خبر ڪانهي.

منهنجي شاعري سر، طرز ۽ لئي جي مدد سان وجود ۾ آهي. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ، مرحوم گرامي صاحب هالن ۾ هڪ مشاعره ۾ شرڪت ڪان بعد وڏي بنگلي ۾ سائين جي حاضري ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين: ”هن (منهنجي نالي) کي وزن جي ڪابہ خبر ڪانهي، پوءِ هي بحر ۽ وزن ۾ ڪيئن ٿو شاعري



ڪري؟“ پاڻ فرمايائون تہ ”علي احمد شاهہ سريلو آهي، هي ڪانہ ڪا طرز جهونگاري شعر ٺاهيندو هوندو.“

منهنجو ڪتاب ’سنگِ در‘ جيڪو اوهان جي آڏو آهي، ان جي اشاعت ۾ ۽ ان جي شعرن کي اصلاح ڪرڻ ۾ مخدوم جميل الزمان جو هٿ آهي، پاڻ جي منهنجي هر طرح سان مدد نہ ڪن ها تہ شايد منهنجو هي ڪتاب نہ ڇپجي ها. ان سان گڏ آءُ نور احمد ميمڻ صاحب ۽ گل محمد پنهور ۽ پير مختار علي ”مختار“ جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب کي منظرِ عام تي آڻڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي، حياتي باقي رهي تہ منهنجو نثر ۾ ڪتاب ”چانڊوڪي ۽ پٽريون“ پڻ جلد منظرعام تي آڻيندس.

5/جولاءِ 1994ع
ڪراچي

**علي احمد شاهہ**
**ساقي سروري**

## ساقي سروري:

سنڌ سونهاري جي علمي ۽ ادبي تاريخ صدين کان وٺي وڏن وڏن عالمن، اديبن ۽ سخن ورن سان ڀري پئي آهي، ان جي مطالعي مان خبر ٿي پوي ٿي تہ سنڌ جي سپوتن اڪيلي سر يا مجموعي طور تي پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ کي شاندار بنائڻ لاءِ ڪيڏي نہ عظيم خدمت انجام ڏني آهي. انهن اڳوڻن بزرگن تي جيترو بہ ناز ڪجي اُهو گهٽ آهي. ”متعلوي سادات“ جو شمار بہ انهن ۾ ٿئي ٿو.

سيد علي احمد شاهہ ”ساقي سروري“ متعلوي سادات جي اجناڻي شاخ جو فرد آهي. پاڻ هن صديءَ جي ٽيئين ڏهاڪي ۾ پيدا ٿيو ۽ پنجين ڏهاڪي ۾ شاعريءَ جي آغاز ڪرڻ سان علم جي ميدان ۾ داخل ٿيو. اڄ تائين ساڳئي جوش ۽ جذبہ خدمت سان پنهنجي منزل تي وڌندو وڃي پيو. پاڻ بنيادي طرح شاعر آهي پر سندس نثر بہ بيحد دلچسپ ۽ فڪر انگيز آهي. سندس اشعار ۾ رواجي مجازي رنگ يعني هجر و فراق، آهُن ۽ دانهن، انتظارن ۽ اوسيئڙن کان سواءِ زندگيءَ جون تلخ حقيقتون ۽ مسئلا پڻ نمايان آهن.

### حسب ۽ نسب:

سيد علي احمد شاهہ بن سيد مٺن شاهہ بن سيد حاجي حافظ حيدر شاهہ ”حيدر“ بن سيد مير علي شاهہ بن احسان شاهہ بن سيد مير علي شاهہ اولياءَ بن سيد حسن عرف ڊيرڏٽي، بن سيد آدم بن سيد ابوبڪر بن سيد ڪمال بن سيد ابوبڪر عرف



بکر بن سيد جلال عرف جراڙ بن سيد شرف الدين بن سيد مير علي بن سيد حيدر شاهہ بن سيد مير علي هراتي بن سيد محمد بن سيد حسين بن سيد مير علي شاهہ بن سيد احمد بن سيد محمد عرف حسين بن سيد يوسف عرف ابراهيم بن سيد علي الحسين بن جعفر الثاني الحواري بن سيدنا حضرت موسيٰ ڪاظم بن سيدنا حضرت جعفر صادق بن سيدنا محمد باقر بن سيدنا امام زين العابدين بن حضرت سيدنا امام حسين عليہ السلام ابن سيدنا امام علي المرتضيٰ عليہ السلام.

### ولادت:

سندس جنم، 11- ڊسمبر 1936ع بمطابق 26 رمضان المبارڪ 1355هہ تي جمعي جي ڏينهن، الهداد چنڊ جي ڳوٺ حيدرآباد ۾ ٿيو پاڻ سيد مٺن شاهہ جو چوٿون نمبر فرزند آهي.

حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر صاحب جن مٿس ٻانگ جو نالو ”علي احمد شاهہ“ رکيو. جمعہ جي نسبت ڪري والدين ۽ ٻيا وڏا ڪيس ”جمن شاهہ“ ۽ سندس ڀائٽيا وغيره پيار مان ”چاچا اَمنو“ سڏيندا آهن.

سيد حيدر شاهہ ’حيدر‘ ۽ سيد احسن الهاشمي جن سندس ولادت جي بي انتها خوشيءَ ۾ هڪ گڏيل نظم لکيو جنهن ۾ پنهنجي دلي ڪيفيت ۽ مسرت کان سواءِ سائين علي احمد شاهہ جي معصوم سونهن جو پڻ اکين ڏٺو احوال لکيو هئائون، پر افسوس اهو نظم هاڻي دستياب ڪونهي.

### شادي:

شاهہ صاحب جي شادي خانہ آبادي 25 ورهن جي عمر ۾ ڪراچي جي بخاري ساداتن مان 2- مئي 1962ع بمطابق 26 ذوالقعد 1381هہ تي ڪراچي ۾ ٿي.

Gul Hayat Institute

سندس سهرو سيد نور محمد شاهه عرف محمود شاهه بخاري هڪ نيڪ سيرت ۽ جهان ديده شخص هئو جنهن جو انتقال 19_ آگسٽ 1974ع ۾ ٿيو.

سيد علي احمد شاهه سان گڏ سندس نندي ۽ بيحد پياري ياءُ دوست سيد امير علي شاهه مرحوم جي شادي به ساڳي هنڌان ۽ ساڳي تاريخ تي ٿي.

**اولاد:**

الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان ڪيس هڪڙي نياڻي ۽ ٽي فرزند آهن. پاڻ هن وقت نانو به آهي ته ڏاڏو به آهي. سندس فرزندن جا نالا ۽ سندن ولادت جي تاريخ هيٺينءَ ريت آهي:

1_ سيد ذوالفقار احمد شاهه (ڪيس پيار مان 'زلفو' سڏيندو آهي)
7_ جولائي 1965ع/7_ ربيع الاول 1385ھ/بروز اربع

2_ سيد انيس احمد شاهه (اَنُو)
9_سيپٽمبر 1966 بمطابق 23 جمادي الاول 1386ھ بروز جمع.

3_ سيد نفيس احمد شاهه (نَفُو)
15_ مئي 1970ع/8_ ربيع الاول 1390ھ بروز جمع.

**تخلص:**

ابتدا ڪان وٺي 1980ع يا 1981ع تائين يا ٿورو بعد تائين "ساقي" تخلص طور استعمال ڪيو اٿس. گرامي صاحب مشهور رسالي شاعر جي "رفيقِ حيات نمبر" ۾ سندس تخلص "ساقي حيدرآبادي" لکيو آهي. غالباً 1981ع بعد "عادل" ۽ "ساغر" تخلص تي شاعري ڪئي اٿس پر بالآخر 1986ع ڪان وٺي "ساقي سروري" اختيار ڪري ان تي ئي شاعري ڪندو آهي.



**شعر و شاعري:**

علم و ادب سان شوق ۽ لاڳاپو ورثي ۾ مليو اٿس. هونءَ ته متعلوي ساداتن ۾ بيشمار عالم ۽ اديب ٿي گذريا آهن مگر رڳو اجناڻي سيدن جي گذريل ٽن چئن سون سالن جي حالاتِ زندگيءَ جو مطالعو ڪبو ته سيد حسن عرف ڊيرڏٺي ڪان وٺي سيد مير علي شاهه اولياءُ، سيد حيدر شاهه اول، سيد فتح محمد شاهه وغيره جهڙا ڪيئي وڏا وڏا بزرگ ۽ عالم ملندا. جن پنهنجي علم و فضيلت جي ذريعي وڏيون خدمتون انجام ڏنيون آهن. علي احمد شاهه کي ابتدا ڪان وٺي ڪتابن جي مطالعي جو جنون جي حد تائين شوق رهيو آهي. سندس والد بزرگوار جن جو فقير جي پڙ ۾ مشهور ڪتابن جو دڪان "سيد مٺن شاهه اينڊسنز" نالي هوندو هئو. جتي پاڻ عموماً وڃي ويهندو هئو. سائين مٺن شاهه جن جو دڪان جي ڪم ڪار ۾ هٿ به ونڊائيندو هو ۽ گڏوگڏ مذهب، تاريخ، شاعري ۽ ادب جا ناياب شاهپارا پڙهي پنهنجي شوق جي تڪميل ڪندو هو ان ڪري اسلامي تاريخ جي وڏي ڄاڻ ٿو رکي.

سندس شاعريءَ جو آغاز حضرت قبله مخدوم محمد امين فهيم جن سان گڏ چيل هڪ مشترڪ غزل سان ٿيو جنهن جي مطلع هي آهي:

بلندي تي ڪيو بيهي مون اقرارِ وفا يارو
زمين وارا مگر مون ڪان ٿين ڇو ٿا خفا يارو

هي شعر 12_ سيپٽمبر 1955ع تي حيدرآباد ۾ گڏجي لکيائون جتي مخدوم صاحب جن دريا جي ٻوڏ جي ڪري عارضي طور هجرت ڪري اچي رهيا هئا. پاڻ تڏهن ڪان وٺي مسلسل شاعري ڪندو رهيو آهي. سندس غزل، قطعات ۽ نظم

Gul Hayat Institute

ڏاڍا وٽندڙ آهن. انهن کان علاوه پاڻ منقبت، سهرا وغيره بہ چيا اٿس. سنڌي کان سواءِ اردو ۾ بہ لکندو آهي. شاعريءَ ۾ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سندس استاد آهن.

پاڻ ”بزمِ طالب المولىٰ حيدرآباد“ ۽ ”بزمِ امين“ جو بنيادي ميمبر آهي. مرڪزي بزم طالب المولىٰ جي مرڪزي ڪائونسل جي رڪن طور بہ خدمات انجام ڏنيون اٿس.

”بزمِ طالب المولىٰ“ ۽ ”جميعت الشعرا سنڌ“ جي وڏن مشاعرن ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري داد حاصل ڪندو رهيو آهي.

جيتوڻيڪ سيد علي احمد شاهہ جو شمار هن وقت سٺن غزل گو شاعرن ۾ ٿيئي ٿو مگر منهنجي راءِ موجب ’قطعہ‘ چوڻ تي ڪيس وڏي دسترس حاصل آهي. سندس شاعريءَ ۾ چند خداداد خوبيون آهن جيڪي خاص طرح ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان:

(1) وزن بحر ڪونہ ڄاڻي پر سندس سڄي شاعري موزون چيل آهي.

(2) هر غزل ۽ هر مصرع طرح جي ڌُهن ڻاهي اُن تي جهونگاريندي شعر ڻاهيندو آهي.

(3) ’في البديہ‘ مشاعرن ۾ وڏي دلچسپيءَ سان شرڪت ڪندو آهي ۽ اسان ڪي بہ اهڙن امتحانن ۾ وجهندو رهندو آهي، حيرت جي ڳالهہ آهي تہ انهن مشاعرن ۾ بہ مقرر وقت يعني ڪلاڪ ڪن جي اندر بهترين غزل وغيره لکي ڏيکاريندو آهي.

”ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.“

10/ سيپٽمبر 1944ع
3/ربيع الثاني 1415هہ
ڇنڇر، صبح جا 6
ڊفينس بنگلو ڪراچي

**مخدوم جميل الزمان**



# شجرهٔ نسب

(صفحو 21، نسب نامہ ساداتان متعلوي)

جناب سيدنا حضرت امام موسىٰ ڪاظم رضي الله عنہ
سيد جعفر ثاني الحواري
سيد علي الحسين
سيد يوسف عرف ابراهيم
سيد محمد عرف حسين
سيد احمد
سيد مير علي شاهہ
سيد حسين
سيد محمد
سيد مير علي هراتي
سيد حيدر شاهہ

سيد محمد حسين — سيد مير علي — سيد محمد

سيد احمد — سيد شرف الدين — سيد مرتضىٰ عرف پوڻ

(سندس اولاد کي شرف پوٽا بہ چوندا آهن)

سيد زڪريو عرف ڪٽريو — سيد جلال عرف جراڙ — سيد احمد (جد سادات ميان پوٽا)

Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

# سنگِ در



- منقبت
- غزل
- قطعات
- رباعیات
- فرد
- سهرو مبارک
- اردو کلام

Gul Hayat Institute

# منقبت





Gul Hayat Institute

# منقبَت

اسان جو رهنما رهبر علي مشڪل ڪُشا آهين،
امام الاولين آهين، علي مشڪل ڪُشا آهين.

علي مُشڪل ڪشا آهين، علي عقدِ ڪُشا آهين،
علي حيدر علي آهين، علي صفدر علي آهين.

علي اصغر علي آهين، علي اڪبر علي آهين،
علي احمد جو آهين ۽ علي نادِ علي آهين.

علي ناصر علي نادر، علي مشڪل ڪُشا آهين،
علي ڪشف الدجا جو پاسبان صلوا عليٰ آهين.

اي موليٰ چادرِ زينب جو توکي واسطو آهي،
اچي واهر تون منهنجي ڪر علي ابن اعليٰ آهين.

علي الله جو آهين، علي موليٰ ولي آهين،
حنين و خندق و خيبر جو تون ئي لافتا آهين.



جهان ۾ جيترا ٿيا اوليا، مجذوب ۽ سالڪ
اُنهن جو تون ولي آهين، امام الاوليا آهين.

هي خيبر آ جتي پهرين نہ ٿيو ڪو ڪامياب آهي،
اُتي ٿيو ڪامياب آخر علي مشڪل ڪشا آهين

Gul Hayat Institute

# غزل



Gul Hayat Institute

# غزل

شبِ تاريڪ جي دلڪش ستارن ڪان لڪي تون آ،
اي رشڪِ مہ جبين اڄ ماه پارن ڪان لڪي تون آ.

سچو ڪر خواب منهنجو چنڊ تارن ڪان لڪي تون آ،
اي جانِ گلستان! گلشن جي خارن ڪان لڪي تون آ.

چيو ٿي قيس کي ليليٰ اچي ديدار ڪر منهنجو،
مگر هي ياد رک پاڙي جي ٻارن ڪان لڪي تون آ.

مون کي تنهنجوءِ توکي منهنجوئي آهي سهارو بس،
صداقت جن ۾ ناهي تن سهارن ڪان لڪي تون آ.

اي واعظ! مئڪده ٿئي مندر و دير و حرم ڪونهي،
عبائن ۽ قبائن جي خسارن ڪان لڪي تون آ.



نيم بسمل پر لُڇي سگهجي نہ ٿو،
بزمِ جانان ۾ ڪڇي سگهجي نٿو.

ذات بي عيب آ فقط الله ﷻ جي،
دور دنيا کان بچي سگهجي نٿو.

عرض ڪر قاصد وڃي تون يار کي،
تو سوا سهڻا رهي سگهجي نٿو.

بادشاهن جي نہ پروا مون ڪئي،
بزمِ جانان ۾ ڪڇي سگهجي نٿو.

تنهنجي قربن جو ڪريان ڪهڙو بيان،
تنهنجي محفل مان چري سگهجي نٿو.

هاڻي ”ساقي“ ختم ڪر تون داستان،
داستان تنهنجو ٻُڌي سگهجي نٿو.

Gul Hayat Institute

فقط دولت رهي درڪار آهي،
اهو انسان جو ڪردار آهي.

حياتي ساري گڏ توسان گذاريم،
سِوا تنهنجي جيئڻ بيڪار آهي.

جهان چاهي جهان جو چاهي منظر،
خدايا! هي ته ڪو اسرار آهي.

جو دنيا لاءِ وڪڻي دين کي ٿو،
اُهو عالم وڏو بدڪار آهي.

جو پنهنجي نفس کي قابو رکي ٿو،
اهو ئي صاحبِ ڪردار آهي.

ڏسو! مئي خاني ۾ زاهد ته ڪونهي،
جو منهنجو ”ساقي“ اڄ بيزار آهي.



هي راتيون نه هونديون هي تارا نه هوندا،
اهي زندگي جا اِشارا نه هوندا.

خدا توکي آباد و خوش حال رکندو،
مٽئي خير آهي مون پارا نه هوندا.

وري وِرهَ وَندبا وري پيار ٿيندا،
جدائي جا جانب هي وارا نه هوندا.

جنين تنهنجو دامن جهليو سُهڻا سائين،
حشر تائين سي بي سهارا نه هوندا.

سُکن ۾ رهيا ۽ ڏکن ۾ ڇڏي ويا،
اُهي مطلبي، عشق وارا نه هوندا.

وري ساڳيا مئي خانه آباد ٿيندا،
سندا جام هوندا اُڌارا نه هوندا.

جي ٻارهن ۽ چوڏهن جا حبدار هوندا،
خدا جو قسم بي سهارا نه هوندا.

جواني ته پيريءَ جو قاصد آ سهڻا،
اهي وار واسينگ ڪارا نه هوندا.

جنين کي ملي سُرڪ ”ساقي“ جي هٿ سان،
اُهي حشر تائين اُڃارا نه هوندا.

Gul Hayat Institute

اوهان جي ادائن ئي ماري ڇڏيا،
اوهان جي ادائن جياري ڇڏيا.

اِهو حُسنِ دلبر جو آهي ڪمال،
جي ويندڙ هُئا سي بيهاري ڇڏيا.

ٽيو مئي ڪشن تي اثر وعظ جو،
گهٽن جام هاري ۽ ٺاري ڇڏيا.

ڏسو رات ۾ آ سحر ٿي وئي،
”سڄڻ وار پنهنجا سنواري ڇڏيا.“

جهلي مئڪشن محتسب ڪي وري
ٻه ٽي پيالا زوريءَ پياري ڇڏيا.

ڪئين ڦٽڪي ويا ۽ ڪئين ڦٽجي ويا،
”سڄڻ وار پنهنجا سنواري ڇڏيا.“

لڪي چنڊ ويو ٻادلن ۾ وري،
”سڄڻ وار پنهنجا سنوار ڇڏيا.“



جفا ڪار ڪان جي وفا ٿي پوي ها،
ته پوري پراڻي دعا ٿي پوي ها.

جي مارين ها پنهنجي هٿن ساڻ جاني،
ته هي هڪڙي تنهنجي ادا ٿي پوي ها.

نئون موڙ ڏيون ها وري زندگي کي،
اگر ٻي وفا باوفا ٿي پوي ها.

درِ ميڪده مان پيو واعظ نهاري،
اندر جي اچي ها ته ڇا ٿي پوي ها.

چڱو ٿيو جو محفل ۾ سهڻو نه آيو،
”اچي ها ته محشر بپا ٿي پوي ها.“

پڇين پيو بين ڪان ته ڪيئن آهي ”ساقي“.
جي مون وٽ اچين ها ته ڇا ٿي پوي ها.

Gul Hayat Institute

دلربا! تنهنجو مونسان پاتل پيچُ،
هي بہ تقدير جو آ ٿاهيل پيچُ.

حسن وارن سان روزِ اوّل کان،
عشق وارن جو آهي پاتل پيچُ.

هي بہ منهنجو نصيب ۽ تقدير،
منهنجي اکڙين جو توسان ڦاٿل پيچُ.

ڪاش توکي ڪري سگهان پنهنجو
توکي اهڙو وجهان مُڪمل پيچُ

پيو ڪٿي جي نٿو سگهان "ساقي"،
اهڙو تو ساڻ آهي اٽڪيل پيچُ.



سر جو ۽ سنگِ در جو عشقِ بُتان جو خير،
ٿي خير داستان جو ۽ امتحان جو خير.

ڪون و مڪان جو خير ۽ هفت آسمان جو خير،
ارض و سما جا مالڪ! تنهنجي جهان جو خير.

تنهنجي قدم جا آخر ڳولهي لڌم نشان،
روئ فلڪ تي اُپريل هن ڪهشڪان جو خير.

طوفان جي رات بارش ۽ سمنڊ جو لُڇڻ،
ڪشتي جو ناخدا جو ۽ بادبان جو خير.

محبوب جنهن جڳهہ تان ڦيرائي ويو قدم،
ان جي قدم قدم جي نقش و نشان جو خير.

تنهنجي نگاهہِ نازڪ جو آهيان شڪار،
صيّاد تنهنجو خير ۽ تير و ڪمان جو خير.

اڄ محتسب وجي ٿو مئي خانہ جي طرف،
"خُم خانہ جو قدح جو پيرِ مغان جو خير."

مولا ڪري سدائين آباد خوش هجو،
"ساقي" دعاگو آهي، گهرجي اوهان جو خير.

Gul Hayat Institute

پنھنجا اڄ ٻئي جھان ٺاھيندس،
زندگي توسان گڏ گذاريندس.

رات مان، يار! ڏينھن ٿي ويندو،
تنھنجي زلفن کي جو سنواريندس.

اڄ وڃان پيو مان ڪوئي جانان ڏي،
پنھنجي قسمت کي آزمائيندس.

تو ھٿان زھر جي مليو پيئندس،
پاڻ کي ماري اڄ جياريندس.

مئڪشو ڳالھ ھيءَ مڃو منھنجي،
محتسب کي ٻه ڏُڪ پياريندس.

توکي پنھنجو ڪندس ھميشہ لءِ،
اھڙي تدبير ڪا ھلائيندس.

توکي پنھنجي اکين ۾ قيد ڪري،
لوڪ ساري کان مان لڪائيندس.

پنھنجي دردن جو توسان ذڪر ڪري،
ٿورڙو توکي ”ساقي“ روئاڙيندس.



پاڻ کي جيئرو رکي ماري تہ ڏس،
پاڻ کي ٻوڙي وري تاري تہ ڏس.

خود ڪشي اسلام ۾ آھي حرام،
تون فقط اڄ نفس کي ماري تہ ڏس.

رات ڪاري مان ڦري ٿيندي سحر،
تون فقط ھڪڙي شمع ٻاري تہ ڏس.

زندگي تي ڪھڙو آھي ڀروسو،
ڪا گھڙي مون سان ٻہ گڏ گھاري تہ ڏس.

زندگي دوزخ مان ٿي ويندي بھشت،
ھم نشين ھڪ ڳوڙھو تون ھاري تہ ڏس.

شرط آھي جي وري جيئرو نہ ٿيان،
اڄ لبن تي لب رکي پياري تہ ڏس.

توسان ڪي ڳالھيون ٻہ ٿي ڪرڻيون اٿم،
مون کي پنھنجي پر ۾ ويھاري تہ ڏس.

زندگي جو لطف جي وٺڻو اٿئي،
پاڻ کي جيئرو رکي ماري تہ ڏس.

Gul Hayat Institute

هر طرف تو روشني آهي ڏني،
رات هڪڙي مون سان گڏ گهاري تہ ڏس.

زندگي جو لطف پو ايندئي وري،
ڪا ڪٿيل بازي سندئي هاري تہ ڏس.

تو گهڻن کي آ پيياريو "ساقيا"،
پنهنجي اوير مان مون کي پياري تہ ڏس.



مبارڪ ڏيو مٺي محبوب کي راضي ڪيم مس مس،
خدا جي لطف سان مون تي بہ ٿي نظرِ ڪرم مس مس.

هزارين ٿيون گلائون بزمِ جانان ۾ وري مُنهنجون،
گلائون جن ڪيون ٿي تن کي ٿيو پاڻهي شرم مس مس.

حرم ۾ مون وجي جنهن دم بتِ ڪافر کي سمجهايو،
خدا ناهين خدا هو آ ميجو آخر صنم مس مس.

اي "ساقي" تنهنجو مئي خانوءِ تو وٺ جام ڪونهي ڪو،
هي رندن جو ڪمال آهي جو رکيائون ڀرم مس مس.

Gul Hayat Institute

”ساڻيو هن دور جو دستور بدلائي وٺون“
ڪنهن طريقي سان وري ڪا ڳالهه ڳالهائي وٺون.

بلبلين جي آشيانن ۾ اچي هي ڪانگ پيا،
بي سُريلن کي گلستان مان ڪيڏارائي وٺون.

سيني گڏجي پائرن وانگر جڏهين هڪ عهد ڪيو،
پو وري هڪ شخص جو آئين ڇا لائي وٺون.

سخت سرديءَ جي طويل ۽ ديو قامت رات ۾،
هم نشينو وقت ٿَوَ ڪا باه ٻارائي وٺون.

در حقيقت زندگي آهي مرڻ ڪان بعد جي،
هن حياتِ جاودان کي پاڻ مارائي وٺون.

ڪاڻ ڪنهنجي ڇو ڪيون ۽ مڙس ماڻهو سڀ ٿيون،
اڄ هماليه تي چڙهي ۽ برف وگهرائي وٺون.

خوش نصيب آهيون اسين جو اڄ ”خليق“ آهي مليو
گڏجي سڏجي اڄ وري ڪا جوت جاڳائي وٺون.

ظلم جي ٿي انتها جو خضر پاڻيءَ لءِ سڪي،
هي قيامت آهي هن قيامت کي اُٿلائي وٺون.



داڙهو ته ڪوبه ڪونهي پيا ڪئين خرار آهن،
منصور ڪوبه ڪونهي سوريون هزار آهن.

احسان منهنجي ربّ جا مون تي هزار آهن،
محبوب جا اسان تي ڪيڏا نه پيار آهن.

هڪ گهور سان ئي گهائل مون کي ڪري ڇڏيائون،
ڪارين ڪُنڍين اکين جا اهڙائي وار آهن.

جي عشق کي ٿا سمجهن ٻاراڻي راند ”ساقي“!
سي عقل وارا ناهنِ سي پاڻ ٻار آهن.

Gul Hayat Institute

اسان جي جسم جو ۽ روح جو سينگار تون آهين،
اسان جي عشق و الفت جو سچڻ سردار تون آهين.

اسان جي منزلِ مقصود جو آڌار تون آهين،
اسان جي عشق جي جذبات جو اظهار تون آهين.

زمانو تنهنجو آهي توسان رهندو تنهنجو ٿي رهندو،
صنم! هر دور جو انڪار ۽ اقرار تون آهين.

هي منهنجو روح، جسم ۽ زندگاني سڀ سچڻ تون ئين،
۽ منهنجي روح جي هر تار جو سُر تار تون آهين.

زماني ۾ ڪو ڪنهنجو آهي ڪو ڪنهنجو ۽ ڪو ڪنهنجو،
سندم دل جو سهارو ۽ ڳچيءَ ڳل هار تون آهين.

علي مولا علي آهي، علي مُشڪل ڪشا آهي،
اسان جو دين ۽ ايمان ۽ سرڪار تون آهين.

جتي دنيا جا سڀ مشڪل وڃن آسان ٿيو ”ساقي“،
اهو مشڪل ڪٽيندڙ حيدرِ ڪرار تون آهين.



دل ڪي دردن سان هم ڪنار ڪبو،
پنهنجو واچ پاڻ بي قرار ڪيو.

بي سبب ڪونہ ڪنهن کي خوار ڪبو.
ڪيئن پلا ڪنهن سان ايڏو پيار ڪبو،

اڄ گريبان کي تار تار ڪبو،
تنهنجي ظلمن کي آشڪار ڪبو.

منهنجا محبوب تنهنجي قدمن ۾،
جان سر ساه سڀ نثار ڪبو.

رات گُذري وئي نہ تون آئين،
هاڻي توتي نہ اعتبار ڪبو.

زندگي جو خزان رسيده چمن،
تنهنجي يادن سان لالہ زار ڪبو.

رات گذري وئي تہ چا ٿي پيو،
موت تائين بہ انتظار ڪبو.

جي خدا پاڪ، چاهيو تہ سجڻ،
توکي هڪ ڏينهن زيرِ بار ڪبو.

پنهنجي ”ساقيءَ“ هٿان پيڻ گهرجي،
پاڻ کي پاڻ باوقار ڪبو.

Gul Hayat Institute

زندگي ۽ موت جو هي فاصلو،
پنهنجي منزل ڏي وڃي پيو قافلو.

سچ لهڻ ۾ باقي ٿوري دير ٿَوَ
دوستو هلندا هلو هلندا هلو.

سِچّ جي تپش تہ ماريو ٿي وجهي،
اي بادلو! اي بادلو! اي بادلو!

حق ناحق آهي حق ٿيو
جاهلو! او جاهلو! او جاهلو!.

سچ ڳالهايو ۽ ڦاسيءَ تي چڙهيو
يار آخر ڪار ڇا هي معاملو.

زندگي جو مختصر آهي سفر،
جلدي جلدي وک وڌايو دوستو.

ديو قامت رات ڪيئن پوري ٿئي،
ڪا تہ آڪاٽي پڌايو دوستو.

اڄ مري "ساقي" وري جيئرو ٿيو
ٿيو محمد مصطفيٰ ﷺ اڄ پرجهلو.



مون ڏٺو هن گلبدن روئي ڏٺو
ان ڪري اهلِ چمن روئي ڏٺو.

مون جڏهين هُن بي وفا جو ذڪر ڪيو
دردمندن ڪيترن روئي ڏٺو.

قصّۂ غم مون تہ ڪلندي ڪيو بيان،
سو ٻُڌي هن جانِ منِ روئي ڏٺو.

ڳالهہ هڪڙي ڪا ٻُڌي ٿوَ دوستو
ميڪده ۾ مي ڪشن روئي ڏٺو.

ڳالهہ اهڙي ڪابہ ڪانهي دوستو
بي سبب منهنجي اکين روئي ڏٺو.

ٿي ويون منهنجو صدائون ڪامياب،
مون کي ياڪر پائي هن روئي ڏٺو.

نيم شب جي آه جو ٿيو هي اثر،
دوستن ۽ دشمنن روئي ڏٺو.

اهلِ گلشن هن ڪري آهن اُداس،
ماهہ روءِ گلبدن روئي ڏٺو.

دستِ "ساقي" مان جڏهين ساغر ڪريو
مئي ڪده ۾ مئي ڪشن روئي ڏٺو.

Gul Hayat Institute

هو صورتِ شگفتہ ؤ شهلا اچي پيو،
هو منهنجو سائين قبلہ و ڪعبہ اچي پيو.

ماهِ جبين ماهرو اعليٰ اچي پيو،
رشڪِ قمر عُروجِ ثريّا اچي پيو.

ساقي بدست ساغر و مينا اچي پيو،
درد و غم و الم جو مداوا اچي پيو.

اج مئي ڪده بہ مانندِ ڪعبہ پيو لڳي،
”اج مئي ڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو.“

تاريڪ رات ۾ بہ ٿيو ڏينهن جو گمان،
محبوب منهنجو انجمن آرا اچي پيو.

هن لاعلاج مرض جو آخر بلو ٿيو،
سامهون ڏسو هو رشڪِ مسيحا اچي پيو.



روڪيو سنڀاليو پاڻ ڪي محشر نہ ٿي پپا،
هو گل بدن ۽ رشڪِ غزالہ اچي پيو.

ساقي! صراحي جام جا سجدا قبول پيا،
”اج مئي ڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو.“

ننڍپڻ، جواني، پيري ۽ آخري سفر،
هن دورِ زندگيءَ ۾ تہ چا چا اچي پيو.

وعدي جي رات گذري وئي، ٿي وئي سحر،
پياسن جي سامهون اوچتو صحرا اچي پيو.

آهي خزان رسيده گلستان تہ چا ٿيو،
جانِ بهار جانِ تمنّا اچي پيو.

قاصد تون عرض ڪر وڃي دربارِ يار ۾،
هڪ تنهنجو بي نواءِ شيدا اچي پيو.

فرعونيت جي دور کي اٺ سال ٿي ويا،
آخر ”خليق“ صورتِ موسيٰ اچي پيو.

Gul Hayat Institute

ظلمت جو دور آخر ٿيندو ضرور ختم،
دل کي يقين سورهن آنا اچي پيو.

”ساقي“ کي خوف حشر نہ ٿيندو ڪڏهن بہ هاڻ،
سرڪار انبياءَ، شہِ والا ﷺ اچي پيو.

19، آڪٽوبر 1985ع



ٻول مٺڙا ڪي يار ٻولڻ ڏيو
پنهنجي پر ۾ وهاري ڳائڻ ڏيو

دوستو! مون کي ڪيئي زخم ڏِنوَ
هاڻي ٿورو تہ مون کي مرڪڻ ڏيو.

دل جون ڳالهيون هزارين هن سان ڪندس،
”سنگِ در تائين مون کي پهچڻ ڏيو.“

ٿورو ڳالهايو ۽ گهڻو سمجهو،
پاڻ سوچيو ٻين کي سوچڻ ڏيو.

ڪنهن طريقي سان هن کي پنهنجو ڪندس،
پر انهي لاءِ مون کي سوچڻ ڏيو.

منهنجو مَسڪن تہ آسمان آهي،
”سنگِ در تائين مون کي پهچڻ ڏيو.“

ڪئين صدائون ۽ ڪيئي آهون ڪندس،
مون کي اي يارا باه ٻارڻ ڏيو

هي جهان ڇا آهي، آئون ڇا آهيان؟
مون کي سوچڻ ۽ مون کي سمجهڻ ڏيو.

Gul Hayat Institute

زندگي جي طويل راهُن ۾،
ڪجهہ گهڙين لاءِ مون کي ترسڻ ڏيو.

ساه واپس وري اچي ويندو،
هن کي هڪڙو دفعو تہ آٿڻ ڏيو.

پنهنجي "ساقيءَ" کي پنهنجي صدقي ۾،
پنهنجي پير ۾ وهاري پيئڻ ڏيو.



زماني جو اِهو منشور ٿي ويو،
شريف انسان اڄ مجبور ٿي ويو.

"صنم آيو تہ غم ڪافور ٿي ويو."
سڄو ماحول اڄ مسرور ٿي ويو.

رضائي عشق ۾ منصور ٿي ويو،
سڄي دنيا اندر مشهور ٿي ويو.

سوا هن ڳالهہ جي ٻيو ڇاهي هن وٽ،
هو منهنجي عشق ۾ مغرور ٿي ويو.

اندر ۾ جنهن جي هڪڙي ٻي آ ٻاهر،
اکين هوندي بہ سو بي نور ٿي ويو.

وري مظلوم کي ڦاهيءَ تي چاڙهيون،
وري اڄ شب، شبِ عاشور ٿي ويو.

وري نيڪي ڪري درياهہ ۾ وجهجؤ،
زمانہ جو اِهو دستور ٿي ويو.

نبي آخرالزمان ﷺ جي ٿي ولادت،
ڪفر ۽ شرڪ اڄ سڀ دور ٿي ويو.

Gul Hayat Institute

جهان سارو ئي هڪڙو ڪوٺ آهي،
۽ هر انسان اُت محصور ٿي ويو.

جڏهن مُدّت ڪان پو "ساقيءَ" نهاريو،
هو خالي جام سو پرپور ٿي ويو.



ڏسي مسجدن ۾ شرابين ڪي واعظ،
هو منهن ڪي لڪائي ۽ نڪري ويو.

ڏٺو مون مسرّت ۾ گُل پئي ٽڙيا،
جتان منهنجو دلدار گذري ويو.

مرڻ ۽ جيئڻ جو هو وعدو ڪيل،
مان سمجهان ٿو توڪان سو وسري ويو.

مان ڪلندو ۽ رئندو ۽ ڏسندو رهيس
"اڃو ڪو ڏهاڙو بہ گذري ويو."

جتي ڪاب سوري آ سينگاريل،
اُتي صرف منصور سنپري ويو.

اي قاصد خدارا وڃي عرض ڪر،
"اڃو ڪو ڏهاڙو بہ گذري ويو."

پريل جام "ساقيءَ" بہ هاري ڇڏيو،
ڏسي مون ڪي مدهوش سمجهي ويو.

Gul Hayat Institute

رحمت للعالمين ﷺ ياسين طاحه ڪي سڏي،
”آخري دم آهي ڪو منهنجي مسيحا ڪي سڏي.“

هي جهان هڪ ڊونڊ آهي، چاهُ رکندڙ ٿيا ڪُتا،
ڪو تہ انسان ذات مان انسان عُقبيٰ ڪي سڏي.

جسم فاني آهي، پر هِت روحَ مرده ٿي چُڪا،
ڪاش ڪو زنده هُجي ۽ روح افزا ڪي سڏي.

هي اُصول آهي ٿيو دنيا دورنگي جو ادا،
ڪالهہ جيڪي بادشاهہ هُئا تن ڪي ويچارا سڏي.



”تنهنجي ايڏي جي بي رخي رهندي.“
زندگي منهنجي جي بي سُري رهندي.

تو ڪي هڪڙو دفعو وري ڏسندس،
زندگي مون سان جي وري رهندي.

تنهنجو انصاف ناهي ڪو انصاف،
منهنجي حالت جري جري رهندي.

تنهنجا ساڳيا جي عِشوَ ناز رهيا،
منهنجي هي دل چري چري رهندي.

منهنجا شاعر ۽ منهنجا پيرِ مغان،
تنهنجي دل ساڻ دلي لڳي رهندي.

زندگي منهنجي ختم ٿي ويندي،
”تنهنجي ايڏي جي بي رُخي رهندي.“

منهنجا جاني مون کان نہ ٿي تون پري،
تنهنجي هيءَ بنده پروري رهندي.

مون کي ”ساقي“ آ تنهنجي سِرَ جو قسم،
تنهنجي نظرن جي دلبري رهندي.

Gul Hayat Institute

واسينگ وار ڪارا هٽن ڏنگ ڇا ڪجي؟
تنهنجون هي ڪاريون اکيون وڃهن ونگ ڇا ڪجي؟

ڏاڍا زماني جا ٿيا هي انگ ڇا ڪجي؟
هر روز پئي مٽائي نوان رنگ ڇا ڪجي؟

ڪينجهر جو صاف پاڻي ٻه گندو ڪري ڇڏيئون،
جو اوچتو اچي پيا هي ڪنگ ڇا ڪجي؟



رات هڪ خاموش تارن جي هُئي،
واه جي هُئي بي سهارن جي هُئي.

اوچتو محفل معطّر ٿي وئي،
هُئي تہ خوشبو تنهنجي وارن جي هُئي.

جڙ تہ ڪي هو ملڪ جا هئا سربراه،
اهڙي حالت تنهنجي پر وارن جي هُئي.

اج وري هڏڪوين ڪوليو پرم،
يادگيري پنهنجي پيارن جي هئي.

Gul Hayat Institute

اوهان جي دل ۾ ڇا آهي اسان جي دل ۾ ڇا آهي؟
خبر هڪ ٻئي جي ڪنهن کي ڪانهي ڪنهن جي دل ۾ ڇا آهي؟

لبن تي مسڪراهٽ جا ڏسو ميلا لڳل آهن،
خبر ڪهڙي زماني کي تہ ڪنهنجي دل ۾ ڇا آهي؟

صبر ۾ زندگي گذري اُها ئي زندگي آهي.
رُڳو جهيڙن ۽ جهڳڙن ۾ انهي ڪِل ڪِل ۾ ڇا آهي؟

جتي سارو زمانو آهي ۽ سهڻو صنم ڪونهي،
اُنهي محفل ۾ ڪجهہ ڪونهي اُنهي محفل ۾ ڇا آهي؟

دنيا ڦرندي رهي ٿي ۽ دنيا وارا بہ ڦرندا پيا،
خبر ڪهڙي زماني جي تہ هڪڙي پل ۾ ڇا آهي؟

ڏسو صحرا ۾ هر هڪ قافلي جي ٿو لڳي پويان،
خبر ڪهڙي چريئي کي پردهٔ محمل ۾ ڇا آهي؟

صُراحي، جام و مينا، ساغر و "ساقي" سڀئي آهن،
هلي ڪجهہ روبرو ڏسجي انهيءَ محفل ۾ ڇا آهي؟



هزارين دَر اَهن ليڪن دَرِ جانان سڃاڻون ٿا
سڏا ماڻهو اَهيون پنهنجا ۽ بيگانا سڃاڻون ٿا

اسان جو ڇا وڃي شهرن جي ماڻهن سان ۽ محلن سان
اسين ديوانہ آهيون پنهنجا ويرانا سڃاڻون ٿا

جهانِ رنگ وبو کي سورهين آ نا سڃاڻون ٿا
اسين مستانہ آهيون اِن ڪري دانا سڃاڻون ٿيا.

اسان جو ڇا وڃي دير و حرم مندر ڪليسا سان
اسين مئي خوار آهيون پنهنجا پيمانا سڃاڻون ٿا

رقيبِ روسيہ منهنجي گلا پيرِ مغان سان ڪئي
ڇيائون بند ڪر بڪواس مستانا سڃاڻون ٿا

اي "ساقي" پنهنجي مئي خانہ ۾ ڪجهہ گهڙيون گذارڻ ڏي
زماني کي ڇڏينداسين جو مئي خانا سڃاڻون ٿا

Gul Hayat Institute

پاڙ کي پاڙ گنهگار ڪريان يا نہ ڪريان
توسان هڪ پيرو وري پيار ڪريان يا نہ ڪريان

دل جي دردن جو هي اظهار ڪريان يا نہ ڪريان
آه و زاري پسِ ديوار ڪريان نہ ڪريان

تون مون کي روز پڇڻ لاءِ اچين ٿو جاني
توئين چؤ پاڙ کي بيمار ڪريان يا نہ ڪريان

مست نظرون ڪٽي گهائل ڪري ماري بہ ڇڏئي
هاڻي پيو مون کان پڇين وار ڪريان يا نہ ڪريان

مجموعو آهي لکن جوءِ نظر تون ٿو اچين
تنهنجو ديدار سرِدار ڪريان يا نہ ڪريان

تو وساري جي ڇڏيو سهڻا مڙئي خير آهي
باقي ٿيو قرب جو وهنوار ڪريان يا نہ ڪريان

تون جي ناهين تہ مون کي شهر بہ صحرا ٿو لڳي
چاڪ دامان سرِ بازار ڪريان يا نہ ڪريان

تنهنجي محلات جا ايوان فلڪ بوس آهن
آه و زاري پسِ ديوار ڪريان يا نہ ڪريان



ڳالهيون ڪي دل جون آهن سي تہ سڄڻ سان سلبيون
دل ۾ آهي اهو ويچار ڪريان يا نہ ڪريان

جنهن سوا پل بہ نہ گذريو ٿي ورهہ گذري ويا
اي قضا هاڻ تہ ديدار ڪريان يا نہ ڪريان

منهنجا ساقي تنهنجي مئي خانہ ۾ زاهد آهي
هن کي بدنام ۽ بيزار ڪريان يا نہ ڪريان

ذڪر مولیٰ جو ڪريان ناهي زبان کي طاقت
بحرِ قُلزم کي ڪريان پار ڪريان يا نہ ڪريان

تنهنجي ”ساقي“ جي فقط آخري خواهش آهي
تنهنجي قدمن کي چمان پيار ڪريان يا نہ ڪريان

Gul Hayat Institute

# قطعات



Gul Hayat Institute

اسين صبح کان سائين پيئندا رهون ٿا
سچو ڏينهن مرندا ۽ جيئندا رهون ٿا
جي پيدا نہ ٿيون ها تہ چا ٿي پوي ها
کلون پيا مگر دل ۾ رئندا رهون ٿا.



خدا جي هوندي خدا جي جهان ۾ هيڏا پاپ،
اندر ۾ ڪوڙ ۽ ظاهر ۾ آهي سچ جي چاپ،
جهان ۾ دين جي اڄڪلهہ هلي تجارت پئي،
خدا جو خلقيل بندو هٽي خدا سان ٿاپ.

Gul Hayat Institute

هـــڪ زمـــاني جـــو ڦـــڏائي ســـربراهِ مملڪـــت،
پنهنجي بدمعاشين ۾ هو بدمعاش آهي مست مست،
خـــالق ۽ مخلـــوق ســـان هـــن ڪـــوڙ ڳالهـــايو آهـــي،
لعنتي ڪي ڪوڙجي عيوض ملي وئي سلطنت.



تـــوڪي ڪهـــڙي خبـــر تـــہ چـــاهي پيـــار؟
جيـــت چـــاڪي ۽ چـــاڪي چئجـــي هـــار،
منهنجا ڪمسن ۽ منهنجا نادان دوست!
تـــون اڃـــان تـــائين يـــار آهـــين ٻـــار.

Gul Hayat Institute

چنڊ چوڏهين جو ڏٺم روئي ڏنم،
ياد آئين تون صنم روئي ڏنم.
درد دانهن تي ڪيو مجبور هو،
تنهنجو رکڻو هو ڀرم روئي ڏنم.



ساقيا! لبريز پئمانا ڪجان،
زهرِ قاتل مان وري ڪو ڏيارجان،
جامُ جامن تي پري پيئندس مگر!
عرض آ پنهنجي هٿن سان پيار جان.

Gul Hayat Institute

هن جهان جا ماڻهو ڏس ڪيئن ٿا جيئن ڪيئن ٿا مرن،
ڪيئن ٿا اچن ڪيئن ٿا وڃن ڪيئن ٿا ٺهن ۽ ڪيئن ٿا ڊهن،
قافلہ ڪيئن ٿا اچن ۽ قافلہ ڪيئن ٿا وڃن،
نقشِ پا ڪيئن ٿا ٺهن ۽ نقشِ پا ڪيئن ٿا ڊهن.



تنهنجو بندو گناهگار آهيان،
ربّ سائينﷻ مان داغدار آهيان،
منهنجا موليٰ ڪرم ڪجيئن پنهنجو،
مان خطادار عيبدار آهيان.

Gul Hayat Institute

تنها تنها اداس اداس آهيان،
آئون تصويرِ هجر وياس آهيان،
جيڪو ٽِڳجي ويو سرابن ۾،
آئون اُنهي شخص جي پياس آهيان.



مون تہ قرآن جي تلاوت ڪئي،
يار سان هم ڪلام ٿيو آهيان،
منهنجي منزل تہ ڪهڪشان آهي
تنهنجي در جو غلام ٿيو آهيان.

Gul Hayat Institute

مان گنهگار شرابي ۽ موالي آهيان
حشر جو روز ۽ آئون هٿين خالي آهيان
پُر اميد آئون آهيان آئون بهشتي آهيان
پنج تن پاڪ جي در جو مان سوالي آهيان.



اسين ڌرتي جا رهواسي اسين خود آسمان آهيون
اسين خود پاڻ رعيت ۽ اسين خود بادشاه آهيون
اسين مسڪين مولائي اسين بي آسرا آهيون
اسين مظلوم آهيون ۽ اسين عالم پناه آهيون.

Gul Hayat Institute

تون ڪرم ڪر وڏو ڪريم آهين،
تون رحم ڪر وڏو رحيم آهين،
رَحۡمَةَ اللِعَالَمِيۡنَ جي صدقي ۾
بخش ڪر تون وڏو عظيم آهين.



هِن زماني ۾ ڪيترو رهبو
هُن زماني ۾ ڪيترو رهبو
هي حساب آهي جوڙ جو ڪٽ جو
باقي پاڇي ۾ ڇا وڃي بچندو.

Gul Hayat Institute

کعبہ ۾ مون رسول ﷺ کي سجده ڪندي ڏٺو
کعبہ ۾ مون يزيد کي سجده ڪندي ڏٺو
کعبہ کي ڊاهيندي بہ يزيدن کي مون ڏٺو
کعبہ کي ڪعبة الله محمد رسول ڪيو.



تنهنجي لءِ ڪيترو اجا جيئندس
تنهنجي لءِ ڪيترو اجا مرندس
هي دعا آهي تون وري نہ ملين
تون جي ملندين تہ پو مري ويندس.

Gul Hayat Institute

توڪي ڳولي بہ لڌم توڪي وڃائي بہ ڇڏيم،
توڪي سارينديءَ ساريندي وساري بہ ڇڏيم،
زندگي منهنجي بہ هڪ راند جي مانند آهي،
پاڻ ئي بازي کٽي، پاڻ ئي هاري بہ ڇڏيم.



بهر صورت ستر پوشي چڱي آ تاج پوشيءَ کان،
ستر پوشي نہ ٿي ۽ تاج پوشي ٿي تہ ڇا ٿي پيو؟
اُگھاڙي پيٽ بکئي درد جي ماريل زماني ۾،
جي هڪڙي شهنشاهہ جي تاج پوشي ٿي تہ ڇا ٿي پيو؟

Gul Hayat Institute

منهنجو ساقي ۽ مون کي توري تکي پيو پياري،
منهنجو ساقي ۽ مون کي ٿورو گهڻو ٿو پياري،
پنهنجي ميڪش کي گهڻو هو ٿو سُڃاڻي سڀ کان،
ان ڪري خاص طرح سان مون کي ٿو هو پياري.



رات ڪنهن طرح سان گذري ته گذاري ڇڏبي،
شمع جا آهي اُجهاڻل اُها ٻاري ڇڏبي،
زندگي گُذري وئي باقي به گُذري ويندي،
ڳالهه ڪا ياد به آئي ته وساري ڇڏبي.

Gul Hayat Institute

دربار ۾ شرابي جي دُختر رسول ﷺ جي
تطهير جي هي وارث نياڻي بتول ﷺ جي
هو تخت تي ۽ آلِ محمد ﷺ کي هٿ ڪڙي
لعنت مٿس خداؑ جي خدا جي رسول ﷺ جي.



پهرين پئدا ڪيو خدا، شيطان کي،
پوءِ سوچي خلقيئن انسان کي،
۽ جڏهين شيطان انسان کي ڏٺو
غور سان ڏسندو رهيو ذيشان کي.

Gul Hayat Institute

مون ڏٺو هڪ ڪوڙ هڪڙي سچ کي ماري ڇڏيو.
عظمتن جي نور کي تارڪين ساڙي ڇڏيو.
هي لکيو تقدير جو هو يا خدا جو حڪم هو.
هڪڙي ڪاٽي ڪتي هڪڙي راٽي کي ماري ڇڏيو.



زندگي، زندگي جو خواب آهي،
ڪئين سوالن جو هڪ جواب آهي،
ابتدا جي نه انتها جي خبر،
ٿي سگهي ٿو ته هي جواب آهي.

Gul Hayat Institute

ڪٿي ڀلائي ٻُري ۽ ڪٿي ڀلائي چڱي،
ڀلو ٿيو ڪير ڀلو ڪير سا خبر ڪانهي!
ڪٿي چڱائي ٻُري ۽ ڪٿي برائي چڱي،
چڱو ٿيو ڪير ٻُرو ڪير ڪا خبر ڪانهي.



هي ڪاري رات ستارا اُداس تنهائي،
عجيب آهي حياتي رڳو نراسائي
چوي ٿي دل تہ ڏسي توکي پوءِ ڀلي مرجي،
عجيب ڪشمڪش آهي ۽ تنهن جو شيدائي.

Gul Hayat Institute

جڏهن مون زندگي جي ويهي ڪٿ ڪئي،
سمهڻ ۾ زندگي اڌ ڪان مٿي وئي،
جڏهن ننڊپڻ جي ويهي جوڙ مون ڪئي
ته پاڇيءَ ۾ وجي زيرو بچي ٿي.



بدليل هزار رنگ زماني جا مون ڏٺا،
ڪئين رنگ مون ڏٺا ۽ ڪئين ڍنگ مون ڏٺا،
ظاهر چڱا ۽ اوترا باطن ۾ هئا بُرا،
نيرنگيءَ زماني جا سڀ انگ مون ڏٺا.

Gul Hayat Institute

# رباعیات



Gul Hayat Institute

کو ڏينهن جيئي ٿو کو سو سال جيئي ٿو.
ميزان حياتيءَ جو وچو ساڳيو ٿيئي ٿو
خوش بخت اُهو آهي جو هڪ ڏينهن مري ٿو
بدبخت اُهو آهي جو سو سال جيئي ٿو.



شيطان بہ اللهؐ کي تسليم ڪندو هو.
سجده بہ ڪندو هوءِ عبادت بہ ڪندو هو.
هر سوئي فلڪ جنهن بہ جڏهين هن کي ڏٺو ٿي
الله ئي الله ئي الله ڪندو هو.

Gul Hayat Institute

انمـــول رتـــن تـــوئي وجـــايو آهـــي،
هــن قــوم کــي تــو زهــر پيــاريو آهــي،
آخــر تــہ خــدا آهــي خــدا وارا بــہ آهــن،
اِن لاءِ خـــدا تـــوکي جيـــاريو آهـــي.



اللهﷻ کــي شـيطان جـي عبـادت جـي خبـر هئـي،
اللهﷻ کي شيطان جي رياضت جي خبـر هئـي،
شـيطان جــي هــر سـجدي کــي الله ڏٺــو پئــي،
خالق جو هو مخلوق جي عادت جي خبـر هئـي.

Gul Hayat Institute

# متفرقات



Gul Hayat Institute

# فرد

ڏسو انسان اڄ ڪلهہ جا ٿيا حيوان کان بدتر،
مري ٿو جيڪو ڇڙ آهي ٿيو جيئرن کان سو بهتر.

❋❋

ساحل تي پيو تران ۽ گرداب ۾ ٻُڏان
گذران پيو اِي يار نئين امتحان مان

❋❋

جڏهين ڪو خوب صورت گُل ڏٺو سون،
اوهان کي يار ڏاڍو ياد ڪئو سون.

❋❋

زندگي موت کي شڪستون ڏي،
ساه نڪري جي تنهنجي ٻانهن ۾.



# سهرو مبارڪ

هي آفتاب سهرا هي ماهتاب سهرا
عالي وقار تنهنجا عزّت مآب سهرا
سهڻي جي رخ تي هر هر ڪن پيا طواف سهرا
هر هر چميو چمن پيا هي بي حجاب سهرا
موليٰ تون شاد رکجئين لختِ جگر امين جو
دولهہ کي دعائون ڪن پيا هي پُرشباب سهرا
رخ ڪعبة الله آهي ۽ گل طواف ڪن پيا
هي خوشنصيب سهرا ٿيا بارياب سهرا
محبوب جي جبين تي معراج ڪن پيا سهرا
هي فتح ياب سهرا هي ڪامياب سهرا
سائين وڏن ننڍن کي لک لک مبارڪن جا
سندن ئي دعا سان ٿي ويا هي برثواب سهرا
توبهہ شڪن هي سهرا ۽ دلفريب سهرا
مئي نوش ٿي ويا هي يا خود شراب سهرا
”ساقي“ دعاگو آهي هردم جميل سائين
تنهنجي هي سر تي آهن عالي جناب سهرا

20، ڊسمبر
1987ع
هالا

Gul Hayat Institute

# اردو کلام



Gul Hayat Institute

میری جبیں ہے اور تیرا سنگِ در ہے صنم
یہی تو کعبہ ہے میرا جو تیرا گھر ہے صنم

ہمارے اپنے ہی اعمال کا ثمر ہے صنم
وگرنہ اشرفِ مخلوق میں بشر ہے صنم

ہزاروں سجدے کیے خواہ مخواہ سجدے کیے
یہ میکدہ نہیں دیر و حرم کا در ہے صنم

میری تو موت حیاتی میں ہوگئی تبدیل
جو میں نے دیکھا تو تیرا ہی نامہ بر ہے صنم

یہ روشنی کا شہر کیوں جلاتے ہو لوگو
یہ تیرا میرا اور سب کا اپنا گھر ہے صنم



ڈبو کے کشتی کو خود ناخدا نے یہ بولا
میرا قصور نہیں یہی تو بھنور ہے صنم

شبِ وصال وہ بولے ہٹاکے زلفوں کو
ابھی تو رات گئی ہوگئی سحر ہے صنم

یہ آخری ہے سفر اور میں اکیلا ہوں
عجیب بات ہے کوئی نہ ہم سفر ہے صنم

جو تیرا چاہنے والا تھا "ساقی" مر بھی گیا
اس سانحہ کی کوئی تجھ کو بھی خبر ہے صنم

Gul Hayat Institute

لوگ زندہ ہیں تب تو مرتے ہیں
مرنے والے کبھی نہیں مرتے
جو نہ جیتے ہیں جو نہ مرتے ہیں
کتنے وہ بد نصیب ہوتے ہیں



ترے حسین خیالوں میں بس گیا ہوگا
غریب شخص تھا بے چارہ مرگیا ہوگا
تیرا خیال اگر ان کو ڈھونڈ لے "ساقی"
مَرا بھی ہوگا تو پھر زندہ ہوگیا ہوگا

Gul Hayat Institute